# الوداع ماہِ رمضان



شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال
محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# الوداع ماه رمضان

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز**

**فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

# الوداع ماھ رمضان


درود شريف جي فضيلت ............................................ 1
الوداع ماهِ رمضان پڙهڻ جائز آهي ....................................... 1
رمضان مبارڪ جي ٻارنهن حروف جي نسبت سان الوداع ماهِ رمضان
جي متعلق 12 نيّتون ............................................ 1
رمضان جي اچڻ جي مبارڪ باد ڏيڻ سنّت مان ثابت آهي ..................... 3
دل رمضان جي ڏک ۾ غمگين ٿي ويندي آهي................................. 4
اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن ........................................ 6
ڪهڙو منهنجي زندگي جو ڀروسو ........................................ 7
پهريان وارن ماڻهن جي دعا ۾ سجو سال رمضان جي ياد هوندي هئي ...... 7
عيد جي چند واري رات عاشقانِ رمضان جا جذبا............................... 7
رمضان جي ڏک جي ترغيب ............................................ 8
ماهِ رمضان جي جدائي ۾ چو نہ روئجي............................... 9
جُمُعَةُالوَدَاع جي بيان ۾ جان ڏئي ڇڏي (حڪايت)............................... 9
ماهِ رمضان جي آخري رات خوفِ خدا سبب وفات (حڪايت).................. 12
الوداع ماهِ رمضان جو شرعي حڪم ڇا آهي؟................................. 14
اصل شين ۾ اباحت آهي................................................... 15
دين ۾ نوان سنا طريقا ڪڍڻ جي حديث ۾ اجازت آهي ........................ 16
”الوداع“ ٻڌڻ سان توبهہ ۽ نيڪي جو جذبو ملندو آهي......................... 17
صدرُ الافاضل جي فتويٰ مان حاصل ٿيڻ وارا 9 مدني گل ........................ 18
خُطَبِ علمي ۾ الوداعي اشعار ............................................ 20
خطبي جو هڪ اهم مسئلو................................................... 22
”الوداع ماهِ رمضان“ جي مدني بهار ............................................ 23


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# الوداع ماه رمضان

شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏياري پر توهان همٿ ڪري هي باب (هر سال) مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

سرور ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي "جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي" (مسلم ص 216 حديث 408)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الوداع ماهِ رمضان پڙهڻ جائز آهي

"الوداع ماهِ رمضان" جا اهڙا شعرَ جن ۾ ڪا شرعي خرابي نہ هجي انهن کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جائز آهي، جڏهن تہ ٻڌڻ وقت ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ سٺي نيت ضروري آهي ۽ جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو.

## رمضان مبارڪ جي ٻارنهن حروف جي نسبت سان
## الوداع ماهِ رمضان جي متعلق 12 نيّتون

"الوداع ماهِ رمضان" پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان وعظ ۽ نصيحت حاصل ڪندس، (2) الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت، ماهِ رمضان جي الفت دل ۾ وڌائيندس. (3) نيڪين ۾ شوق رکندس. (4)

گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻائيندس.(هي نيتون انهيءَ صورت ۾ درست ٿيندون جڏهن ته پڙهيو ويندڙ ڪلام شريعت جي مطابق هجي ۽ ان ۾ وعظ ۽ نصيحت وغيره شامل به هجي. (5) رمضانُ المبارڪ جي آخري گهڙي تائين بارگاهِ الٰهي ۾ پنهنجي مغفرت جي لاءِ وقت به وقت گڙگڙائيندو رهندس. (افسوس! هڪ فرمان مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ هي به آهي "محروم آهي اهو شخص جنهن رمضان ماڻيو ۽ ان جي مغفرت نه ٿي ته جڏهن ان جي رمضان ۾ مغفرت نه ٿي ته پوءِ ڪڏهن ٿيندي!" (مُعجَم اَوسَط ج 5 ص 366 حديث 7627 )

واسطہ رَمضان کا یارب! ہمیں تو بخش دے
نیکیوں کا اپنے پلّے کچھ نہیں سامان ہے

(وسائلِ بخشش، ص۔704)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(6) هن نيت سان "الوداعِ ماهِ رمضان" جي اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ته نيڪين جو جذبو باقي رهي بلڪ وڌندو رهي (ڇوته ماهِ رمضان المبارڪ ۾ نيڪ ماڻهن ۾ نيڪين جو جذبو وڌي ويندو آهي) (7) ڪيئي ماڻهو خوفِ خدا جي سبب گناهن کان رڪجي ويندا آهن پر افسوس! رمضان شريف جيئن ئي رخصت ٿيندو آهي بي عملي هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي ويندي آهي ۽ نمازين جي تعداد ۾ به گهٽتائي اچي ويندي آهي، افسوس! مسجدون خالي خالي نظر ايندیون آهن، انهن تصوّرن سان گڏوگڏ نه صرف پاڻ به بي عملي کان بچڻ جي ڪوشش ڪندس بلڪ ٻين کي به بدعملين کان بچائڻ جو دل ۾ جذبو رکي سوز ۽ رقّت سان گڏ ماهِ رمضان کي الوداع چئي ڪري پنهنجو خوفِ خدا وڌائيندس. (8) ايندڙ سال ماهِ رمضان نصيب ٿيڻ جي تمنا ۽ ان ۾

وڏ ڪان وڏ نيڪيون ڪرڻ جي نيَّت ڪري روئي روئي هن سال جي ماهِ رمضان کي الوداع ڪندس. (9) نيڪ ماڻهن سان مُشابَهَت اختيار ڪندس جو سلفِ صالحين (يعني اڳوڻي زماني جا بُزُرگانِ دين) رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی رمضان المبارڪ جي جدائيءَ تي غمگين ٿيندا هئا (10) خوف خدا رکندڙن جي اجتماع جي برڪت حاصل ڪندس. (اَلْحَمْدُلِلّٰه اهڙي طرح جا روح کي وڻندڙ اجتماع دعوت اسلامي ۾ ڏسي سگهجن ٿا) (11) شعرن جي صورت ۾ گهري ويندڙ دعائن ۾ شرڪت ڪندس جو الوداع جا ڪجهه شعرَ، عملن جي اصلاحِ، خاتمو بالخير ۽ مغفرت وغيره جي دعا تي مشتمل هوندا آهن. (12) الله ۽ رسول ۽ نيڪ عملن جي محبَّت ۾ روئڻ جي ڪوشش ڪندس جو الوداع پڙهڻ ٻڌڻ وارن کي الله ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ماهِ رمضان المبارڪ جي محبَّت ۾ عام طور تي روئڻ جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. جيڪو نيَّتن جو علم رکڻ وارو آهي اهو اجان بہ نيّتون وڌائي سگهي ٿو.

هائے عطار کاہل رہ گیا یہ عبادت سے غافل
اس سے ہو کے ہو ناروانہ اَلوداع اَلوداع ماہِ رمضان

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان جي اچڻ جي مبارڪ باد ڏيڻ سنّت مان ثابت آهي

مفسّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عليہ رحمة الحنّان حديث پاڪ جي هن حصّي اَتَاڪُم رَمَضَانُ شَهرمبارڪ يعني "رمضان جو مهينو اچڻ وارو آهي جيڪو نهايت ئي برڪت وارو آهي" جي حوالي سان "مراٰة" المناجيح جلد 3 صفحو137 تي فرمائن ٿا: برڪت جي معنٰي آهي ويهي وڃڻ، ڄمي وڃڻ. اُنهيءَ ڪري اُٺ جي ويهڻ واري جاءِ کي مُبَارَڪُ الاِبِل چيو ويندو آهي جو

تہ اتي اُٿَ ويهندا ۽ ٻَڌا ويندا آهن. هاٿي اها پلائي جو وڏڻ جيڪا اچي ڪري نہ وجي برڪت چورائيندي آهي، چو تہ ماهِ رمضان ۾ محسوس ڪرڻ واريون برڪتون بہ آهن ۽ غيبي برڪتون بہ، انڪري هن مهيني جو نالو ”ماهِ مبارڪ“بہ آهي. رمضان ۾ قدرتي طور تي مومنن جي رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ هر نيڪي جو ثواب 70 ڀيرا يا ان کان بہ وڌي ويندو آهي.

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ماهِ رمضان المبارڪ جي آمد (يعني اچڻ) تي خوش ٿيڻ، هڪ ٻي کي مبارڪون ڏيڻ سنّت (مان ثابت) آهي ۽ جنهن جي آمد (يعني اچڻ) تي خوشي هجڻ کپي ان جي وڃڻ تي غم بہ هجڻ گهرجي ڏسو! نڪاح ختم ٿيڻ تي عورت کي شرعي طور غم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي انهيءَ جي لاءِ ڪيئي مسلمان جُمُعَة الوَداع تي اُداس ۽ غمگين ٿيندا ۽ روئي رهيا هوندا آهن ۽ خطيب حضرات ان ڏينهن ۾ڪجھ الوداعيہ ڪلمات (الوداع ماهِ رمضان سان تعلق رکندڙ ڪجھ جملا) پڙهندا آهن تہ جيئن مسلمان باقي (بچيل) گهڙين کي غنيمت سمجهي نيڪين ۾ اجان گهٽي ڪوشش ڪن. (مرأة المناجيح ج 3 ص137)

ڪوهِ غم عاشقوں پر پڑا ہے
ہر کوئی خون اب رو رہا ہے

کہہ رہا ہے یہ ہر غم کا مارا
اَلوداع اَلوداع ماہِ رمضان

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دل رمضان جي ڏک ۾ غمگين ٿي ويندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ جي عظمتن کان ڪير واقف ناهي! ان جي اچڻ تي مسلمان بيحد خوش ٿيندا آهن، ۽ زندگي

جو انداز ئي تبديل ٿي ويندو آهي، مسجدون آباد ٿي ويندیون آهن عبادت ۽ تلاوت جي لذّت وڌي ويندي آهي،پڻ سحر ۽ افطار جون به پنهنجون پنهنجون ڪهڙيون نہ خوب بهارون هونديون آهن! هي ماهِ مبارڪ خوب رحمت جي بارش وسائيندو، مغفرت جي بشارت ڏيندو ۽ گناهگارن کي جهنّم کان آزادي ڏياريندو آهي. دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ سڄي دنيا جي ڪيئي مسجدن جي اندر بيشمار عاشقان رسول پوري ماهِ رمضان شريف جو پڻ هزارن جي تعداد ۾ عاشقان رسول آخري عشري جو اعتڪاف ڪندا آهن، اعتڪاف ۾ انهن جي سنّتن ڀري تربيت ڪئي ويندي آهي، انهن کي نيڪين جي رغبت ۽ گناهن کان نفرت ڏياري ويندي آهي،خوف خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشق مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خوب جام پيئڻ لاءِ ملندا آهن. بهرحال چا معتڪف ۽ چا غير معتڪف، سيئي ماهِ رمضان جون برڪتون ماڻيندا آهن. ماهِ رمضان سان مَحَبَّت جي اظهار جو هر ڪنهن جو پنهنجو انداز هوندو آهي، وڇڙڻ جا ڏينهن ويجهو اچڻ تي خاص طور تي معتڪفين عاشقانِ رمضان جون دليون رمضان جي ڏک ۾ غمگين ٿي ويندیون آهن!

| | |
|---|---|
| قلبِ عاشق ہے اب پارہ پارہ | اَلوداع اَلوداع آہ! رمضاں |
| کلفتِ ہجر و فُرقت نے مارا | اَلوداع اَلوداع آہ! رمضاں |

**الفاظ ۽ معنٰي:** پاره پاره: ٽڪڙا ٽڪڙا. ڪُلفتِ: ڏک، تڪليف هجروفرقت: جدائي.

دل کي اهو غم ڏاڍو ڏکيو لڳندوآهي تہ آه!ماهِ مبارڪ عنقريب اسان کان وڇڙي وڃڻ وارو آهي!افسوس!مسجد جي هن پر ڪيف ۽ روح پَروَر مدني ماحول کان نڪري هڪ ڀيرو ٻيهر اسان دنيا جي جهنجهٽن ۾ ڦاسڻ وارا آهيون، آه! هاڻي جلد ئي اسان کي غفلت

پري بازارن ۾ ٻيهر وجھڻو پوندو، هائي! اسان تمام جلدي اعتڪاف جي برڪتن ۽ رمضان المبارڪ جي رحمتن ڀري فضائن کان جدا ٿي ويندا سين! هن طرح جي سوچين جي سبب عاشقانِ رمضان جا دل رمضان جي ڏک سبب پرجي ويندا آهن!

تیرے آنے سے دل خوش ہوا تھا　　اور ذوقِ عبادت بڑھا تھا
آہ! اب دل پہ ہے غم کا غلبہ　　الوداع الوداع آہ! رمضاں

## اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن

غفلت ۾ گذريل رمضان جي ڏهاڙن جو خوب صدمو هوندو آهي، پنهنجي عبادتن جون سستيون ياد اينديون آهن، دل تي هڪ خوف ڇانئجي ويندو آهي ته ڪٿي ائين نه ٿي جو اسان جي ڪوتاهين جي ڪري اسان جو پيارو پيارو ربّ عَزَّوَجَلّ اسان کان ناراض ٿي ويو هجي! الله تعاليٰ جي بي حساب رحمتن تي نظر به هوندي آهي، خوف ۽ رجا يعني ڊپ ۽ اميد جون مليل جليل ڪيفيتون هونديون آهن، ڪڏهن رحمت جي اميد تي دل جي ڪُومائيل مکڙي کلي پوندي آهي ۽ چهري تي تازگي جا آثار ظاهر ٿي ويندا آهن ته ڪڏهن خوف خدا عَزَّوَجَلّ جو غلبو هوندو آهي جو دل ڏک ۾ ٻُڏي ويندو آهي، چهري تي اداسي ڇانئجي ويندي آهي ۽ اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن

کچھ نہ حسنِ عمل کر سکا ہوں　　نذر چند اشک میں کر رہا ہوں
بس یہی ہے مرا کل اثاثہ　　الوداع الوداع آہ! رمضاں

**الفاظ ۽ معنيٰ:** حسنِ عمل: نيڪيون. اثاثو: سرمايو.

## ڪھڙو منھنجي زندگي جو ڀروسو

عاشقانِ رمضان کي هي احساس خاص طور تي تڙپائيندو آهي تہ رمضان المبارڪ توڙي جو ٻيهر وري تشريف ڪٽي ضرور اچڻو آهي پر خبر ناهي اسان زنده رهنداسين يا نہ!

جب گزر جائیں ماہ گیارہ　　تیری آمد کا پھر شور ہوگا
کیا مری زندگی کا بھروسا　　اَلوداع اَلوداع آہ! رمضان

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇھريان وارن ماڻھن جي دعا ۾

## سڄو سال رمضان جي ياد هوندي هئي

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڇهريان وارا ماڻهو رمضان المبارڪ کان ڇهه مهينا ڇهريان رمضان شريف کي ماڱڻ جي ۽ رمضان المبارڪ کان ڇهه مهينا پوءِ رمضان جي عبادت جي قبوليّت جي دعا ڪندا هئا. (لطائف المعارف لابن رجب ص 376)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عيد جي چنڊ واري رات عاشقانِ رمضان جا جذبا

رمضان المبارڪ جي آخري ڏينهن يا گهڙين ۾ ماهِ رمضان سان مَحَبَّت جي سبب کان ڪو عاشقِ رمضان رنجيده ٿي وڃي، رمضان جي ڏک ۾ روئي، ماهِ رمضان غفلت ۾ گذارڻ جي صدمي سان ڳوڙها وهائي تہ هي بہ هڪ نهايت سٺو عمل آهي ۽ سٺي نيّت تي يقيناً اهو ثواب جو حقدار آهي. بيشڪ رمضاالمبارڪ ۾ بيشمار گناهگار بخشيا ويندا آهن پر اسان نہ ٿا ڄاڻون تہ اسان جي باري ۾ ڇا فيصلو ٿيو! يقينًا

جيڪو غافل مسلمان ماهِ رمضان ۾ مغفرت کان محروم ٿيو اهو گهڻي کان گهڻو محروم ٿيو جيئن تہ هڪ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ هي بہ آهي: ”رَغِمَ اَنْفُ رَجُلٍ دَخَلَ عَلَيْهِ رَمَضَانُ ثُمَّ انْسَلَخَ قَبْلَ اَنْ يُّغْفَرَلَه“ يعني ”ان شخص جو نڪ مٽي ۾ ملي جنهن وٽ رمضان اچي پوءِ ان جي بخشش کان پهريان ئي گذري وڃي.
(ترمذي ج5 ص 320 حديث3556 )

میں ہائے! جی چراتا ہی رہا رب کی عبادت سے
گزارا غفلتوں میں سارا رمضاں یا رسول اللہ!

میں سوتا رہ گیا کی چادر تان کر افسوس!
خدارا! میری بخشش کا ہو ساماں یا رسول اللہ!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان جي ڏک جي ترغيب

اڄ (يعني تحرير لکڻ وقت) کان تقريبن 625 سال پهريان گذريل قاهره(مصر) جو صوفي بُزُرگ ۽ مڪّہءِ مڪرّمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعظِيمًا جو مقيم مبلّغِ اسلام، سيّدنا شيخ شعيب حريفيش (حَري. فِيش) رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه (وفات جو سال: 810 هجري) فرمائن ٿا: اي انسانو! توهان ماهِ رمضان جي جدائي ۾ غمگين ٿي وڃو! ڇوتہ هي اهڙي مند آهي جنهن ۾ توهان رحمت جي بارش ۽ دعائن جي قبوليّت جي سعادت ماڻيندا آهيو. (الروض الفائق ص40 ملخّصاً)

جاں فِدا تجھ پہ نانائے حَسَنَین!
قلب ہے غمزدہ اور بے چین

دل پہ صدمہ بڑھا رہا ہے
ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماهِ رمضان جي جدائي ۾ چوڻ روئجي

سيّدُنا شيخ شُعَيب حَرِيفيش رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجا پائرو! ماهِ رمضان جي روزن ۽ راتين جي قِيام(يعني راتين جي عبادت) ۾ چوڻ رغبت ڪئي وڃي! ان مبارڪ مهيني تي چوڻ حسرت ڪئي وڃي جنهن ۾ ٻانهي جا تمام گناهه معاف ڪيا ويندا آهن ۽ ان پلاري مهيني جي جدائي تي چو نہ روئجي جنهن جي وڃڻ ڪان گهٽيون نيڪيون ڪمائڻ جو موقعو بہ هليو ويندو آهي.

(الرّوض الفائق ص 41)

خوب روتا ہے تڑپتا ہے غمِ رمضان میں
جو مسلماں قدر دان و عاشقِ رمضان ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جُمُعَةُالوَدَاع جي بيان ۾ جان ڏئي ڇڏي (حڪايت)

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڇپيل 649 صفحن تي مشتمل ڪتاب، ”حڪايتون ۽ نصيحتون“ جي صفحي 96 ڪان 97 تي حڪايت بيان ڪئي وئي آهي تہ: هڪ بُزُرگ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان ماهِ رمضان المبارڪ جي جمعة الوداع جي ڏينهن حضرت سيّدنا منصوربن عمّار رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي محفل ۾ حاضر ٿيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رمضان شريف جي روزن جي فضيلت، راتين جي عبادت ۽ مخلصين يعني خلوص سان عبادت ڪرڻ وارن لاءِ جيڪو اجر تيار ڪيو ويو آهي ان جي متعلق بيان ڪري رهيا هئا ۽ ائين پئي لڳو جڻ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان جي اثر سان سخت پٿرن مان باهه ظاهر ٿي رهي آهي. بلاشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي قسم!(ائين ٿي سگهي ٿو) چو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

وَ اِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا یَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ

ترجمو كنز الايمان: ۽ پٿرن مان(ڪي پٿر) اهي آهن جن مان نديون ڦاٽي نڪرن ٿيون. (پ ۱، البقرة : ۷۴)

پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي محفل ۾ نہ ڪو ڇُريو، نہ ئي ڪنهن پنهنجي گناهن تي ندامت جو اظهار ڪيو، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه محفل جي اها حالت ڏٺي تہ ارشاد فرمايائون:اي انسانو! ڇا پنهنجن عيبن کان آگاهہ ٿي ڪري بہ ڪو روئڻ وارو ناهي؟ ڇا هي توبهہ ۽ استغفار جو مهينو ناهي؟ ڇا هي عفو ۽ مغفرت (يعني معافي ملڻ ۽ بخشجي وڃڻ) جو مهينوناهي؟ ڇا هن ماهِ مبارڪ ۾ جنت جا دروازا ناهن کوليا ويندا؟ ڇا هن ۾ جهنم جا دروازا بند ناهن ڪيا ويندا؟ ڇا هن مهيني ۾ شيطانن کي قيد ناهي ڪيو ويندو؟ ڇا هن ماهِ صيام (يعني روزن جي مهيني) ۾ انعام ۽ اڪرام جي بارش ناهي ٿيندي؟ ڇا هن پياري مهيني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ تجلّي ناهي فرمائيندو؟ ڇا هن ماهِ مبارڪ ۾ هر رات افطار جي وقت ڏهہ لک گناهگار جهنم کان آزاد ناهن ڪيا ويندا؟ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو ان عظيم ثواب کان پاڻ کي محروم رکو ٿا ۽ مخالفت جي لباس ۾ غرور ٿا ڪيو (مطلب هي تہ عمل نہ ٿا ڪيو ۽ گناهن ۾ مصروف رهندا آهيو) ارشادِ ربّاني آهي:

اَفَسِحۡرٌ هٰذَآ اَمۡ اَنۡتُمۡ لَا تُبۡصِرُوۡنَ ۚ﴿۱۵﴾

ترجمو كنزالايمان: تہ ڇا هي جادو آهي يا توهان کي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. (پ ۲۷ الطور : ۱۵)

(ان کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو:) سيئي الله عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضر ٿي ڪري توبهہ ۽ استغفار ڪيو! تہ تمام حاضرين وڏي آواز

سان رڙيون ڪندي روئڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ نوجوان روئيندو اتي بيهي رهيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: ”يا سيّدي! (يعني اي منهنجا آقا) ارشاد فرمايو ڇا منهنجا روزا مقبول آهن؟ ڇا منهنجو (رمضان جي)راتين جو قِيام (يعني راتين ۾ عبادت ڪرڻ قبوليّت حاصل ڪرڻ وارن عبادت گذارن سان گڏ لکيو ويندو؟ حالانڪ مون کان گهڻا گناهه ٿي ويا آهن، مون ته پنهنجي سڄي عمر نافرمانين ۾ برباد ڪري ڇڏي آهي، افسوس! مان عذاب جي ڏينهن کان غافل رهيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمايو: اي نوجوان! الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪر،ڇوته ان قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ مان ڏاڍو بخشيندڙ آهيان ان کي جنهن توبهه ڪئي. (پ، طٰهٰ:)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قاري کي هي آيت مبارڪ پڙهڻ جو حڪم فرمايو:

وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اهوئي آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبهه قبول فرمائي ٿو ۽ گناهن کان درگزر فرمائي ٿو. (پ، الشُّوْرٰی:)

ان نوجوان هن آيت کي ٻڌي ڪري هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ چيائين: منهنجي خوشنصيبي آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جو احسان مون تائين پهچندو رهيو پر ان جي باوجود مان نافرمانين ۾ اضافو ڪندو رهيس ۽ گناهن واري راهه تان نه موٽيس. ڇا گذريل وقت جي جاءِ تي ڪو ٻيو وقت هوندو ته جنهن ۾ الله تعالٰي درگذر فرمائي؟ پوءِ

ان وري رڙ ڪئي ۽ پنهنجوساهه ڏٽي حوالي ڪيائين. (يعني وفات ڪري ويو) هي حڪايت نقل ڪرڻ کان پوءِ صاحبِ ڪتاب فرمائن ٿا:

منهنجا پيارو! ماهِ رمضان جي جدائي تي چو نہ روئجي ۽ عفو ۽ مغفرت جي مهيني تي چونہ افسوس ڪيو وڃي! هن مهيني جي جدائي تي چو نہ غم ڪيو وڃي جنهن ۾ گناهگارن کي جهنم کان آزادي نصيب ٿيندي آهي. (الرّوض الفائق ص45 )

کر رہے ہیں تجھ کو رو رو کر مسلماں الوداع
آہ! اب تو چند گھڑیوں کا فقط مہمان ہے
واسطہ رمضان کا یارب! ہمیں تو بخش دے
نیکیوں کا اپنے پلّے کچھ نہیں سامان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماهِ رمضان جي آخري رات خوفِ خدا سبب وفات (حڪايت)

ماهِ رمضان عبادت ۽ رياضت ۾ گذارڻ کان پوءِ آخري رات وفات ڪري وڃڻ واري هڪ نيڪ ٻانهيءَ جي حڪايت ٻڌو ۽ ان مان پنهنجي لاءِ عبرت جا مدني گل تلاش ڪيو جيئن تہ حضرت سيّدنا محمد بن ابو فرج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ماهِ رمضان ۾ هڪ ٻانهيءَ جي ضرورت پئي جيڪا اسان کي کاڌو پچائي ڪري ڏي، مون بازار ۾ هڪ ٻانهيءَ کي ڏٺو ان جو چهرو زرد (يعني پيلو) جسم ڪمزور ۽ جلد (skin) خشڪ هئي. مان ان تي رحم ڪندي ان کي خريدي گهر وٺي آيس ۽ چيومانس: ٿانوَ وٺ ۽ رمضان المبارڪ جون ضروري شيون وٺڻ لاءِ مون سان گڏ بازار هل. تہ هوءَ چوڻ لڳي: اي منهنجا آقا! مان تہ اهڙن ماڻهن وٽ هيس جن جو پورو زمانو ئي جڻ رمضان هوندو هو (يعني اهي ماڻهو رمضان المبارڪ جي فرض روزن کان علاوه نفل روزا بہ ڪثرت سان رکندا هئا ۽ ڏينهن ۽ رات عبادت ۾ مشغول رهندا هئا) ان

جي هي ڳالهه ٻڌي مون اندازو لڳايو تہ هي ضرور الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهي هوندي. ماشاءَالله ماهِ رمضان المبارڪ ۾ هوءَ سڄي سڄي رات عبادت ڪندي رهي ۽ جڏهن آخري رات آئي تہ مون ان کي چيو: عيد جون ضروري شيون وٺڻ جي لاءِ مون سان گڏ بازار هل. تہ هوءَ پڇڻ لڳي: اي منهنجا آقا! عام ماڻهن جون ضرورتون وٺندؤ يا خاص ماڻهن جون؟ مون چيو: پنهنجي ڳالهه جي وضاحت ڪر! تہ چوڻ لڳي: ”عام ماڻهن جي ضروريات تہ عيد جا مشهور ڪاڏا آهن، جڏهن تہ خاص ماڻهن جي ضروريات مخلوق کان ڪنارو ڪرڻ، عبادت لاءِ فارغ ٿيڻ، نفلن جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل ڪرڻ ۽ ان جي بارگاهہ ۾ عجز ۽ انڪساري جو اظهار آهي.“ هي ٻڌي ڪري مون چيو: منهنجي مراد کائڻ جون شيون آهن. ان وري پڇيو: ڪهڙو کاڌو؟ جيڪو جسمن جي غذا آهي اهو يا دلين جي؟ تہ مون چيو: پنهنجي ڳالهه واضح ڪر! تہ ان مون کي ٻڌايو: جسمن جي غذا تہ کائڻ پيئڻ آهي جڏهن تہ دلين جي غذا گناهہ ڇڏڻ ۽ پنهنجا عيب دور ڪرڻ، محبوب جي ديدار سان لطف اندوز ٿيڻ، مقصود جي حصول(يعني مراد پوري ٿيڻ) تي راضي ٿيڻ آهي پر هي شيون حاصل ڪرڻ جي لاءِ خشوع، پرهيزگاري، تڪبُّر کي ترڪ ڪرڻ، مالڪ ۽ مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي طرف رجوع ۽ ظاهر ۽ باطن ۾ صرف انهيءَ ئي تي ڀروسو ڪرڻ آهي. پوءِ اها ٻانهي نماز جي لاءِ اٿي، ان پهرين رڪعت ۾ پوري سورة البقره پڙهي، پوءِ سورة اٰل عمران شروع ڪئي، پوءِ هڪ سورة ختم ڪري ٻي سورة شروع ڪندي رهي ايتري تائين جو سورة ابراهيم جي آيت نمبر 17 تي پهچي وئي:

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ

مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآىِٕهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾

ترجمو كنز الايمان: سخت مشكل سان ڏک ڪري ان کي پيئندو ۽ نڙي کان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هونديس ۽ کيس هر طرف کان موت ايندو پر مرندو ڪونہ ۽ ان جي پنيان هڪ سخت عذاب آهي.

پوءِ هوءَ روئيندي ان ئي آيت کي بار بار پڙهندي رهي ايتري تائين جو بي هوش ٿي زمين تي ڪري پئي جڏهن مون ان کي لوڏيو تہ ان جي روح ڏٽي جي حوالي ٿي چڪي هئي. (الروض الفائق ص 41)

الله ربّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دست بستہ التجا ہے ہم سے راضی ہو کے جا
بخشوانا حشر میں ہاں تو مہ غفران ہے
السّلام اے ماہِ رمضان تجھ پہ ہو لاکھوں سلام
ہجر میں اب تیرا ہر عاشق ہوا بے جان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الوداع ماهِ رمضان جو شرعي حڪم ڇا آهي؟

”الوداع ماهِ رمضان“ جا اشعار پڙهڻ ٻڌڻ يقينًا تمام سنو ڪم آهي، هي فرض يا واجب يا سنت ناهي بلڪ صرف مباح ۽ جائز آهي. ۽ مباح ڪم (يعني اهڙو عمل جنهن تي نہ ثواب ملي نہ وري گناهہ) ۾ جيڪڏهن سني نيت شامل ڪئي وڃي تہ اهو مستحب ۽ ڪارِ ثواب بڻجي ويندو آهي. لهٰذا ”الوداع ماهِ رمضان“ بہ سني مقصد مثلاً گناهن ۽ ڪوتاهين تي ندامت ۽ آئنده نيڪين پريو رمضان گذارڻ جي نيت سان پڙهڻ ٻڌڻ ثواب جو ڪم آهي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”خطبہ الوداع“ جي متعلق ڪيل سوال جي جواب ۾ فرمائن ٿا: اهو (يعني ”الوداع“ جو خطبو) پنهنجي ذات ۾ مباح آهي، هر مباح سني

نيت سان مستحب ٿي ويندو آهي. ۽ عروض و عوارض خلاف(يعني شرعي ممنوعات تي مشتمل ٿيڻ) سان مڪروھ ڪان حرام تائين (جيئن مردن ۽ عورتن جو ھڪ ھنڌ ھجڻ يا ھن ڪي يعني الوداع جي خطبي ڪي واجب يا ضروري سمجھڻ يا عورتن جي راڳ سان ھن طرح پڙھڻ جو ان جو آواز مردن تائين پھچي يا الوداع جي شعرن جو خلافِ شرع ٿيڻ). (فتاوٰي رضويہ، ج. 8، ص. 452) بھرحال الوداع ماھِ رمضان جي چوڻ جو موجوده انداز نئو ئي سھي پر شرعًا ان ۾ حرج ناھي. ياد رھي! مباح جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ تي ملامت ناھي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي:"حلال اھو آھي جنھن کي الله پنھنجي ڪتاب ۾ حلال ڪيو ۽ حرام اھو آھي جنھن کي الله پنھنجي ڪتاب ۾ حرام ڪيو ۽ جنھن سان خاموشي فرمائي اھو معاف آھي." (ترمذي، ج. 4، ص. 280، حديث 1732)

مفسرِ شھير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حديثِ پاڪ جي ھن حصي، " جنھن کان خاموشي فرمائي اھو معاف آھي" جي تحت فرمائن ٿا: يعني جن شين کي نہ قرآن ڪريم حلال يا حرام قرار ڏنو نہ حديثِ پاڪ يعني جن جو ذڪر ئي ڪٿي بہ ناھي اھو حلال آھي. ھتي "مرقات" ۽ "اشعة اللمعات" ۽ "لمعات" فرمايو تہ: ھن حديث مان معلوم ٿيو تہ اصل، شين ۾ اباحت آھي يعني جنھن کان قرآن ۽ حديث ۾ خاموشي ھجي اھو حلال آھي. انب، مالٽو ايئن ئي برياني، زردو،ڪيرٽي ايئن ئي ململ جا ڪپڙا. ايئن ئي ميلاد شريف ۽ فاتحہ جي ڪيرٽي سڀ حلال آھن، ڇو؟ انھيءَ ڪري جو انھن کي قرآن ۽ حديث حرام قرار ناھي ڏنو، ھي اسلام جو ڪلي (يعني اڪثري) قانون آھي. (مرآة المناجيح، ج. 6، ص. 43)

## اصل شين ۾ اباحت آھي

منھنجي آقا، اعلٰي حضرت احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو والد ماجد رئيس المتڪلمين حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکي ٿو:

اصل شين ۾ اباحت آهي يعني جنهن عمل جي فعل ۽ ترڪ (يعني ڪرڻ ۽ ڇڏڻ) ۾ شرعًا ڪجهه حرج نہ هجي تہ اهو شرعًا مباح ۽ جائز آهي. (اصول الرشاد، ص. 99) (هن قاعدي ۽ ضابطي: ”اصل شين ۾ اباحت آهي“ جي تفصيل ”اصول الرشاد“ صفحي 99 کان 116 تي ملاحظہ فرمايو)

## دين ۾ نوان سٺا طريقا ڪڍڻ جي حديث ۾ اجازت آهي

”الوداع ماهِ رمضان“ جا اشعار پڙهڻ ٻڌڻ سان ماڻهن جي دلين تي اثر ٿيندو آهي، رمضان المبارڪ جي اهميت دلين ۾ جاڳندي، پنهنجون ڪوتاهيون ياد ايندیون ۽ گناهن کان توبهہ ڪرڻ جو ذهن ملندو آهي تنهنڪري هي هڪ سٺو انداز آهي. بيشڪ قيامت تائين جي لاءِ دين ۾ سٺا سٺا طريقا ايجاد ڪندي رهڻ جي خود حديثِ پاڪ ۾ اجازت مرحمت فرمائي وئي آهي جيئن تہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو بہ اسلام ۾ سٺو طريقو جاري ڪري ان کان پوءِ ان طريقي تي عمل ڪيو وڃي تہ ان طريقي تي عمل ڪرڻ وارن جهڙو ثواب ان (جاري ڪرڻ واري) کي ملندو ۽ ان (عمل ڪرڻ وارن) جي ثواب مان ڪجهه گهٽ نہ ٿيندو ۽ جيڪو شخص اسلام ۾ برو طريقو جاري ڪري ان کان پوءِ ان طريقي تي عمل ڪيو وڃي تہ هن طريقي تي عمل ڪرڻ وارن جهڙو گناهہ ان (جاري ڪرڻ واري) کي ملندو ۽ انهن (عمل ڪرڻ وارن) جي گناهہ مان ڪجهه گهٽ نہ ٿيندو. (مسلم، ص. 1438، حديث 1017)

عاشقانِ ماہِ رمضاں رو رہے ہیں پھوٹ کر
دل بڑا بے چین ہے افسردہ روح و جان ہے

داستانِ غم سنائیں کس کو جا کر آہ! ہم
یارسول اللہ! دیکھو چل دیا رمضان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”الوداع“ پڙهڻ سان توبهه ۽ نيڪي جو جذبو ملندو آهي

خليفه امام احمد رضا خان، مفسرِ قرآن، صاحبِ تفسير خزائن العرفان صدر الافاضل حضرت علامه مولانا مفتي سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان به ”الوداع ماهِ رمضان“ پڙهڻ جي متعلق سوال ٿيو جنهن جو جواب پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ايترو خوبصورت ڏنو جو ان جو هڪ هڪ لفظ امت جي خير خواهي، نيڪي جي دعوت جي جذبي، مسلمانن جي اصلاح ۽ فلاح جو درد ۽ احکامِ اسلاميه جي حڪمتن تي مشتمل آهي. ان سوال جواب جو ٿورو خلاصو هتي ملاحظه فرمايو:

سوال: رمضانُ المبارڪ جي آخري جمعي تي خطبة الوداع پڙهيو ويندو آهي جنهن ۾ رمضان المبارڪ جي فضيلتن ۽ برڪتن جو بيان ٿيندو آهي ۽ هن ماهِ مبارڪ جي رخصت ٿيڻ ۽ اهڙي پلاري مهيني ۾ نيڪين ۽ پلائين جا ذخيرا جمع نه ڪرڻ تي حسرت ۽ افسوس ۽ آئنده جي لاءِ ماڻهن کي عملِ خير جي ترغيب ۽ باقي رمضان جي ڏهاڙن ۾ ڪثرت“ عبادت جو شوق ڏياريو ويندو آهي، مسلمان ان خطبي کي ٻڌي ڪري خوب روئيندا ۽ گناهن کان توبهه ۽ استغفار ڪندا ۽ آئنده جي لاءِ نيڪي جو عزم ڪندا آهن. ذڪر ڪيل ڪم جائز آهي يا نه؟ جو ته ڪجهه ماڻهو الوداع پڙهڻ کان منع ڪندا آهن.

جواب: صدر الافاضل حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن خطبي کان منع ڪرڻ وارن جي اعتراضات جو جواب ڏنو جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪلام جو خلاصو ڪجهه هن ريت آهي: انهن منع ڪرڻ وارن وٽ ممانعت جي ڪا شرعي دليل موجود نه آهي ۽ نه اهي ڪا حديث يا هڪ فقهي عبارت ان جي

عدمِ جواز (يعني ناجائز هجڻ) ۾ پيش ڪري سگهن ٿا. پر اهڙن ماڻهن جو طريقو ئي هي آهي تہ اهي پنهنجي ذاتي راءِ ۽ خيال کي دين ۾ داخل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي گمان موافق جنهن شيءِ کي چاهيندا آهن ناجائز ڪري ڇڏيندا آهن! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: خطبة الوداع آخر ڪهڙي طرح ناجائز ٿي ويو؟ خطبي ۾ جيڪي شيون شرعًا مطلوب آهن (يعني شريعت جيڪي شيون چاهي ٿي) انهن مان ڪهڙي ان ۾ ناهي هوندي؟ يا ڪهڙو حڪم ممنوع (يعني اهڙو ڪم جنهن کي اسلام منع فرمايو هجي اهو) ان ۾ داخل آهي؟ مسلمانن کي نصيحت خطبي جي سنتن مان هڪ سنت آهي. رمضان المبارڪ جي گذريل ڏينهن ۾ عملِ خير (يعني نيڪيون رهجي وڃڻ) تي حسرت ۽ افسوس ۽ پلارن ڏهاڙن کي غفلت ۾ گذارڻ تي پڇتاءُ ۽ بيقراري ۽ (هن مبارڪ) مهيني جي رخصتي جي وقت پنهنجي گذشتہ ڪوتاهين کي اڳيان رکندي اڳتي جي لاءِ هوشياري ۽ بيداري ۽ مسلمانن کي سني ڪم تي اڀارڻ هي نصيحت جو بهترين انداز آهي ۽ هن اندازِ سان ماهِ رمضان کي الوداعِ ڪرڻ ۾ نهايت مفيد واعظ ۽ نصيحت آهي، ان جو اهو اثر هوندو آهي جو روئيندي روئيندي ماڻهو بيقرار ٿي ويندا آهن ۽ انهن کي سچي توبهہ نصيب ٿيندي آهي، بارگاهِ الٰهي ۾ استغفار ڪندا آهن، آئنده جي لاءِ نيڪ عمل جو پڪو ارادو ڪري وٺندا آهن. هن وعظ ۽ نصيحت کي عالمن سڳورن سنت فرمايو آهي. فتاوٰي عالمگير ۾ آهي: (عَاشِرُهَا) اَلْعِظَةُ وَ التَّذْكِيْرُ. عني ”خطبي جي ڏهين سنت نيڪي جي دعوت آهي“. (فتاوٰي صدر الافاضل، ص. 466 تا 482)

## صدرُالافاضل جي فتوىٰ مان حاصل ٿيڻ وارا 9 مدني گل

❖ رمضان المبارڪ جي آخري ڏينهن ۾ الوداع پڙهڻ ٻڌڻ سان نيڪيون رهجي وڃڻ تي غم ۽ افسوس ٿيندو آهي جيڪو نهايت

پسنديده ڪم آهي ۽ ❖ ”الوداع“ رمضان شريف جي مبارڪ ڏينهن ڪي غفلت ۾ گذارڻ تي پڇتاءُ جي هڪ صورت آهي. ❖ ان سان گذريل سستين کي سامهون رکندي آئنده جي لاءِ عملِ خير يعني نيڪيون ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ۽ ❖ هي الوداع مسلمانن جي دل ۾ نيڪين جي حرص ۽ لالچ پيدا ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ❖ هن انداز سان الوداع ۾ انتهائي مفيد نصيحت ملندي آهي. ❖ الوداع سان سچي توبهه جي توفيق نصيب ٿيندي آهي (دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ته ان جو باقاعده مشاهدو ڪري سگهو ٿا بلڪ پاڻ شرڪت ڪري انهن برڪتن جو نظارو ڪري سگهو ٿا) ۽ بارگاهِ خداوندي ۾ روئڻ نصيب ٿيندو آهي. ❖ الوداع سان ماڻهو بارگاهِ الٰهي ۾ استغفار ڪندا آهن. ❖ الوداع جي برڪت سان مسلمانن جي هڪ وڏي تعداد آئنده نيڪيون ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري وٺندي آهي. (۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه ڪيئي خوش نصيبن کي هن نيت تي استقامت به ملي ويندي آهي) ❖ جمعي جي خطبي ۾ تذڪير يعني وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ سنت آهي ۽ خطبي ۾ الوداع پڙهڻ انهيءَ سنت تي عمل جي هڪ صورت آهي. (موجوده هيئت جيتوڻيڪ سنت ناهي پر ان جي اصل ثابت آهي جيڪا تذڪير آهي ۽ تذڪير (يعني وعظ ۽ نصيحت) سنت آهي).

ياد رهي! صدر الافاضل حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو فتوٰي جمعي جي خطبي ۾ الوداع پڙهڻ جي متعلق آهي پر الوداع پڙهڻ ٻڌڻ جا جيڪي فائده ۽ برڪتون بيان ٿيون آهن اهي هن خطبي کان علاوه آخري جمعي جي نماز کان پوءِ صلٰوة ۽ سلام جي وقت ۽ ايئن ئي رمضان شريف جي آخري ڏينهن ۾ نمازِ عصر کان پوءِ يا ڪنهن ٻئي وقت پڙهڻ ٻڌڻ سان به حاصل ٿيندا آهن.

# خُطَبِ علمي ۾ الوداعي اشعار

ڪنهن دور ۾ هند جي اندر خوب پڙهي ويندڙ خطبن جي ڪتاب "خطبِ علمي" ۾ نهايت حسرت سان ڳڌ ماهِ رمضان المبارڪ کي الوداع چيو ويو آهي. منهنجي آقا اعلٰي حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه "خطبي علمي" جي مصنف جو تعارف هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي: "مولانا محمد حسن علمي بريلوي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ سني صحيح العقيده ۽ واعظي ۽ ناصح (يعني وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ وارو) ۽ حضور اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مداح (يعني تعريف بيان ڪرڻ وارو) ۽ منهنجي ڏاڍي مولانا رضا علي خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو شاگرد هو" (فتوٰي رضويه، ج. 8، ص. 447) حضرت مولانا محمد حسن علمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي خطبن جي مجموعي "خطبِ علمي" ۾ "جمعة الوداع" جي خطبي ۾ رمضان المبارڪ کي "الوداع" چوندي لکن ٿا: اَلۡوَداعُ اَلۡوَدَاعُ يَا شَهۡرَ رَمَضَانَ - فَتَحَسَّرُوۡا عَلٰی اِتۡمَامِه وَتَأَسَّفُوۡا عَلٰی اِخۡتِتَامِه - اَلۡوَداعُ اَلۡوَدَاعُ يَا شَهۡرَ رَمَضَانَ (يعني: الوداع الوداع اي ماهِ رمضان! (اي انسانو!)هن مهيني جي ختم ٿيڻ تي حسرت ۽ افسوس ڪيو! الوداع الوداع اي ماهِ رمضان!) حضرت حسن علمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي انهيءَ ڪتاب جي اندر اردو ۾ به الوداعي ڪلام شامل فرمايو آهي، ان ڪلام مان 12 اشعار پيش ڪجن ٿا، اوهان به پڙهو ۽ ٿي سگهي ته غمِ رمضان ۾ ڳوڙها ڳاڙيو.

# افسوس تُو رُخصت ہوا ماہِ رَمَضان اَلوَداع

افسوس تو رخصت ہوا، ماہِ مبارَک اَلوَداع
رورو کے دل نے یوں کہا: ماہِ مبارَک اَلوَداع

مدت سے تھے ہم منتظر، شکرِ خدا آیا تو پھر
پر حیف جلدی چل دیا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

دوزخ کے اندر بالیقیں، تھا قید شیطانِ لعین
مؤمن عذابوں سے بچا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

پڑھتا تھا سنت کوئی جب، یا کوئی پڑھتا مستحب
پاتا ثواب اک اجر کا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

جو فرض ادا تجھ میں کرے، اجر اس کو ستر ملے
تھا یمن ورحمت سے بھرا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

عاصی روزہ دار پر، پہنچے گی جب نارِ سقر
بن کر سپر لے گا بچا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

اب کوچ ہے پیشِ نظر، آنکھوں میں اشک آتے ہیں پھر
کرتا ہے دل آہ و بکا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

تو ماہ، استغفار کا، اور طاعتِ غفار کا
کچھ بھی نہ ہم سے ہو سکا، ماہِ مبارَک اَلوَداع

گر زیست ہے پھر پائیں گے، ورنہ بہت پچھتائیں گے
تو اب ہے رخصت ہو چلا، ماہِ مبارک اَلْوَدَاع

رخصت سے ہے دل پر الم، فرقت سے جاں پر سخت غم
شدت سے ہے رنج و عنا، ماہِ مبارک اَلْوَدَاع

تعریف کیا کوئی کرے، خالی نہیں ہے فضل سے
روز اور شب صبح و مسا، ماہِ مبارک اَلْوَدَاع

علمی نہ کی کچھ بندگی، ازبس کہ ہے شرمندگی
واحسرتا واحسرتا ماہِ مبارک اَلْوَدَاع

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الفاظ ۽ معني: حيف: افسوس. يُمَن: برڪت. نازِسَقَر: دوزخ جي باھ. سِپَر: ڍال. آه وبڪا: روئڻ رڙڻ. زِيست: زندگي. پُرالَم: غمگين. فُرقت: جدائي. عَنَا: غم. مَسا: شام. اَزبس: نتيجو

## خطبي جو هڪ اهم مسئلو

”بهارِ شريعت“ ۾ آهي: غير عربي ۾ خطبو پڙهڻ يا عربي سان گڏ ٻي زبان خطبي ۾ ملائڻ (يعني خلافِ سنت متوارثه (يعني هميشه کان اچڻ واري سنت جي خلاف) آهي. ايئن ئي خطبي ۾ اشعار پڙهڻ به نه گهرجن پلي ڪٽي عربي جا ئي هجن، ها هڪ به شعر واعظ ۽ نصيحت وارا جيڪڏهن ڪڏهن پڙهي ته حرج ناهي. (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 729) تنهنڪري اردو ۾ الوداع يا ڪهڙو به ڪلام پڙهڻو هجي ته خطبي کان پهريان يا نماز کان بعد پڙهيو وڃي.

## ”الوداع ماهِ رمضان“ جي مدني بهار

باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان عام چوڪرن وانگر زندگي گذاري رهيو هو، نمازن جي پابندي جو ذهن نه هو، نه اسلامي حليي جي ڪا ترڪيب هئي. غفلتن ۾ زندگي جا قيمتي لمحات ضائع ٿي رهيا هئا. 1999 ۾ ان ميٽرڪ جو امتحان ڏنو، ان کان پوءِ اسڪول جون موڪلون ٿي ويون. انهيءَ ڏينهن ۾ ”شبِ براءت“ جي تشريف آوري هئي ۽ ان جي پنهنجي علاقي ”ڊالميا“ جي ويجهو ”ڪنز الايمان مسجد“ جو افتتاح هو، اتي نماز مغرب جي فرض ۽ سنت کان پوءِ شعبان المعظم جا 6 نوافل به پڙهايا ويا، پوءِ رمضان المبارڪ ۾ انهيءَ زيرِ تعمير مسجد ۾ ان کي دعوتِ اسلامي جي طرف کان ڪيل اجتماعي اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت به ملي، هن اعتڪاف جي برڪت سان تمام گهڻو علمِ دين سکڻ جو موقعو مليو ۽ آخري ڏينهن رخصتِ ماهِ رمضان جي موقع تي ”الوداع“ پڙهي وئي ته عاشقانِ رسول تي رقت طاري ٿي ۽ اهو ڪافي دير تائين روئندو رهيو، ايسيتائين جو اسلامي ڀائرن ان کي ڪائڻ جي لاءِ ويهاريو پر ان جا سڏڪا جاري هئا. پوءِ ان کي عمامي شريف سجائڻ جو شرف مليو. اهو ڏينهن هو ۽ اڄ جو ڏينهن آهي (لکڻ وقت) اهو نوجوان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته آهي، ڪيترن ئي مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدينة الاوليا ملتان شريف جي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت به ملي، لکڻ وقت 4 رجب المرجب 1438ھ چئن (4) سالن کان مسجد جي اندرمنصبِ امامت تي به فائز آهي. جامعة المدينه فيضانِ محمدي گلشن معمار (ڪراچي) ۾ عصري عُلوم يعني رياضي ۽ انگلش جي تدريس به فرمائي رهيا آهن. ۽ (هي الفاظ لکڻ وقت) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ

ان کي ٽي ڀيرا عالمي مدني مرڪز ”فيضانِ مدينہ“ ۾ اجتماعي اعتڪاف جي سعادت نصيب ٿي چڪي آهي. وڏيڪ تحرير لکندي شعبہ تعليم (دعوتِ اسلامي) جي ڊويزن سطح جي ذمہ داري بہ حاصل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

